

# لفظن جي خوشبوءِ

(گڏيل شاعري)

مرتب: وسند چوهاڻ

نوَل

سُندر پبليڪيشن مٺي

# لفظن جي خوشبوءِ

(گڏيل شاعري)

مرتب: وسند چوهاڻ

سُندر پبليڪيشن مٺي

2023ع

# ارپنا

سنڌ جا ذات ڏٽي پنهنجي قلمي پورهي سان سنڌ،
سنڌي ٻولي ۽ سنڌواسين لاءِ جاکوڙي رهيا آهن
انهن جي نالي.

# سٽاءُ

سنڌي شاعرن هر دور ۾ پنهنجو پاڻ ملهايو آهي(مهاڳ)ــــــــــــــــــــحڪيم پريم چانڊواڻي

# شاعر


1. ممتاز علي ٽرواسي (07)
2. درس دادن فقير (18)
3. راجا پيم (29)
4. جيتمال ڪشواڻي (45)
5. وفا درجن چوهاڻ (56)
6. عبد الغني بلوچ (67)
7. مظهر مير بحر (78)
8. آسن داس اميداڻي (89)
9. ثناالله ٻيوس بلوچ (94)
10. ساز علي اصغر چانڊيو (105)

# مهاڳ

## سنڌي شاعرن هر دور ۾ پنهنجو پاڻ ملهايو آهي.

سنڌ امن پسند ۽ محبتون ورڇڻ ۽ ونڊڻ وارو خطو رهيو آهي. هتان جي صوفي بزرگن هميشه پئي امن الفت ۽ اهنسا جو درس ڏنو آهي. هن دؤر جي شاعرن به سدائين پئي پيار محبت جي پرچار ڪئي آهي. حقيقت ۾ ڏنو وڃي ته هي دؤر انتهائي نفسانفسيءَ جو دؤر آهي، ڪو ڪنهنجو پرسان حال ناهي، عداوتون ۽ نفرتون عروج تي آهن، مهانگائي ۽ بيروزگاريءَ سبب ماڻهو اجتمائي خودڪشيون ڪري رهيا آهن. ڪرپشن جو ڪوڙهه ملڪ جي جڙن کي ڪينسر جيئن کائي رهيو آهي. اهڙي صورتحال ۾ محبتون ورڇڻ، ونڊڻ ۽ قوم جي اصلاح ڪرڻ سان گڏو گڏ پهرين مورچي تي بيهي قومي حقن جي حاصلات لاءِ پاڻ پتوڙڻ سنڌي شاعرن جي ئي خوبي ۽ خاصو آهي. جس هجي سنڌي شاعرن کي جنهن هر دؤر ۾ پئي پاڻ ملهايو آهي ۽ جاڳرتا سان گڏ حقن جي حاصلات لئي پنهنجي جان جوکم ۾ وجهي به پاڻ کي ملهايو آهي ۽ ڪڏنهن به پسپائي اختيار ناهي ڪئي. واديءِ سنڌ شاعري ۽ ادب جي سلسلي ۾ سدائين زرخيز رهي آهي. سنڌ کي شاهه سچل سامي شيخ اياز، تنوير عباسي تاجل بيوس، شمشير الحيدري، اياز گل، ادل سومرو ۽ ٻيا ڪيترائي نالا ڳڻائي سگهجن ٿا، جن سنڌي شاعريءَ کي انتهائي عروج بخشيو، ۽ اها امر شاعري صدين تائين سنڌ ۽ سنڌين جو ڳاٽ اوچو رکڻ لاءِ ڪافي آهي. سنڌي شاعريءَ جو حال ۽ مستقبل تمام روشن ۽ تابناڪ آهي. جنهن محنت ۽ دل لڳيءَ سان سنڌي شاعري سرجي پئي وڃي، ان مان بخوبي اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته سنڌي زبان صدين تائين بلڪ يوم آخر تائين قائم دائم رهندي. هن طرف ڪڇندڙ هر بري نظر پنهنجو پاڻ مري ۽ دفن ٿي ويندي. جنهن زبان جو هڪ به شاعر زنده آهي، اها زبان ڪڏنهن به ختم ٿي نٿي سگهي. مون کي قوي اميد آهي ته سڀ سنڌي شاعر انهيءَ ئي سرشاريءَ ۽ سرفرازيءَ سان اڳتي وڌندا رهندا

۽ سنڌي ادب جي نمايان خدمت ڪندا رهندا ۽ پيار جي پورهيئي ڪي سدائين دائم قائم رڪندا- نوجوان نسل ڪي گهرجي ته هو ڪتاب پڙهن- ته جيئن جديد شاعرن جو پيغام انهن تائين پهچندو رهي- جيڪي پنهنجي هڙان وڙان خرچ ڪري ڪتاب ڇپائي رهيا آهن ۽ سنڌي ادب ڪي دنيا جي ادب جي پيٽ ۾ آڻي، پنهنجي حيثيت ۽ ڪاوشن ڪي مڃائي رهيا آهن- عالمي اوطاق فيس بوڪ ڪان وٺي، واٽس ايپ ۽ سموري سوشل ميڊيا ۾ سنڌي زبان پنهنجو ڏاڪو مضبوطيءَ سان ڄمائي رهي آهي ۽ اهي نقش ايترا ته مضبوط ۽ پائدار آهن، جن ڪي ڪابه اٽائي واءُ مٽائي نٿي سگهي- سنڌي ٻولي اٿارٽي ۽ سنڌي ادبي بورڊ ڪي گهرجي ته هو پي ڊي ايف تي ڪمپوز ٿيل ڪتاب پيپر تي ڇپائي انهن ڪي دوام بخشي، انهيءَ سبب ڪتابن تي لاڳت به تمام گهٽ ٿيندي- مان سنڌي ٻوليءَ جي مستقبل مان مڪمل طرح مطمئن آهيان- منهنجي دعا آهي ته ائين ئي نوجوان شاعر سدائين ادبي خدمتن سان سرشار ٿي، ساڳئي ئي جوش جذبي سان جستجو ۽ جاکوڙ جاري ساري رڪندا ۽ اسان ڪي خوبصورت ڪان خوبصورت ۽ بهترين شاعريءَ جا گلدستا پيش ڪندا رهندا ۽ داد وصول ڪندا رهندا.

مان هن ڪتاب ۾ شامل سمورن شاعرن ۽ خاص طور ان جي سهڙيندڙ پياري دوست وسند چوهاڻ ڪي هن ڪتاب جي ترتيب ۽ اشاعت تي دل سان واڌايون ڏيان ٿو.

**حڪيم پريم چانڊوائي ڏوڪري**

ايگزيڪيٽو ايڊيٽر

روزاني پڪار اخبار حيدرآباد



# ممتاز علي ٽرواسي

**نالو:** ممتاز علي

**ادبي نالو:** ممتاز علي ٽرواسي

**ولد:** حاميد لنب

**جنم ڳوٺ:** پاٿار ٽر تعلقه ڪلوئي ضلع ٿرپارڪر

**پيدائش:** 16 آڪٽوبر 1979

**لکڻ جي شروعات:** 1995ڪان

**لکيل صنفون:** غزل وائي نظم بيت هائيڪا

**ڇپيل مواد:** سلسلي وار عقيق چوهڙ جمالي تعمير سنڌ هزار داستان چنڊ نيوز جي صفحه سرهاڻ سويرا مئگزين ڪاوش سنڌي مئگزين عبرت مئگزين آجيان اخبار

**رابطه نمبر:** 03453977282

**ايڊريس:** ڳوٺ پاٿار تعلق ڪلوئي ضلع ٿرپارڪر يوسي سارهوڙ پوسٽ ڪلوئي

# غزل

ڊگھيون ڳليون ڳوٺ جون پوٺا اگھاڙا
لتاڙيون ڪوڪا پرين دوڪا اگھاڙا

بنان پوتي پاپ آهي ڍونگ ڍڪ تون
ڇتن جا ڇڪ ڇوه سان ڇوٽا اگھاڙا

جواني جلوا بدن ٽو باڪ ترسائي
سڳنڌ سان مهڪي هوا هوڪا اگھاڙا

پره جا پاراتا ســـتارا ڇـــا سڻائن
ندورا ننڊ مـــان ٽيا نوحا اگھاڙا

وڳر واهيري ورن سانجهـــي سلامت
اڏاڻان آهـــن پڪين ٽولا اگھاڙا

# غزل

مرڪ جي مئڪشي ڇڏي وئي
آرســـي دلڪشي ڇڏي وئي

انتظاري وڪون ڪٽـــي اڃان
هُو پراڻي گهٽي ڇڏي وئي

تون ستارا نه ڏوڻ ماڪ جا
باڪ شبنم رکي ڇڏي وئي

حال ڪهڙي ۾ ڪيئن آ ڪٿي
دل ۾ آ دلبري ڇڏي وئي

شهر شمشان آ شعور جو
نيت ڇو ڇيڳري ڇڏي وئي

جاڳ جو واڳ ڪو وٺي اچي
رات روڳي رسي ڇڏي وئي

# غزل

منهنجي جوڀن جا جملي ٿهڪ ٽنگيل آهن
غير ٿيا گونچــــا ڏار پرين ڏنگيل آهن

ڇير وڃي منهنجا ٻوٽ ۾ ٻوڙها ٻولن ٽا
سرما سينڌ پٽي ڪنهنجا وار ونگيل آهن

تشبيهه ڏجي ڪا هن جي ٻيهڪ ۾ بدن کي
لاريب اٿس لهجــو بس لفظ لنگهيل آهن

لاٽ هڪڙي ٻري پونئن ۾ پنيت پوي پڙڪي
جاگرتا ۾ اڇي جدت ضمير زنگيل آهن

تون نم تي غم جا گيت ڪٽي آئين ڪوئل
آسيس ڪٽي روح ۾ هن جا روپ رنگيل آهن

تنهنجي سرهاڻ رهاڻ ۾ ويٺل واس وٺن
گفتا گل گونچا مرڪ ۾ هار ڳنڍيل آهن

# غزل

سونهن سڪي ساڻ سزائون آنديون
عشق جي انتها ايذائون آنديون

گل هئا پوپٽن جا غمخوار غدار ٿيا
بهار رت بس ڪٽي خار خزائون آنديون

رات آ ريت تي صبح ٿري سوچ ۾
ڪونه ڪي انتظاري آشائون آنديون

ڪجھ وڇوڙا وڏا نندپڻ جي نينهن نوان
تو بنان هن جوانيءَ جفائون آنديون

لفظ تي ڳالهيون ڳوڙهن ڪالهه ڪيون تي
اڄ اکين لڙڪ لارگهٽائون آنديون

ٿي ستم ڪي سادڙي لاءِ سرور اوهان سمجهيو
ڳوٺ جي ڪوهه تي ڪيڪار خطائون آنديون

# غزل

هرگز هر شام ملاقات نه ٿيندي
ٿوريون ٿينديون ڳالهيون رات نه ٿيندي

مرڪون ميڙي رکجا تون جهول جهلي
پل ۾ پکيڙي پَر لات نه ٿيندي

سوگها آهيون ساروٽن جي سنگهر ۾
يادن جي چوري ۽ چپات نه ٿيندي

پاڇن پويان ڊوڙي پير ٿڪا هِن
خابن جي خاطر خيرات نه ٿيندي

آئون عام اجان تون اپ ڪان اونچو
تنهنجي تابع منهنجي ذات نه ٿيندي

لفظي ليڪا ڪوتا ڪوڙا نه ڪبا
مقدر تي "ممتاز" مات نه ٿيندي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# غزل

پَرتي پرينِ پنڌ ڳول ڏسندي هوا
جهُومين جهلي جهول ڏسندي هوا

تو رنگ رهي سورج ۾ سانول سندو
اڪ چنبي حُسن رول ڏسندي هوا

چوڙيون ٽُٽي ٽُڪرا ٿيون راهه تي
دل دريا ڇول ڏسندي هوا

تو اوپري آرس پڳي ننب ڪندي
ٻانهون ڏڳهيون ڪول ڏسندي هوا

ڳوڙها ڳڙي ڳالهيون اچي ڪي ڪندا
جاني مٺا او ڍول ڏسندي هوا

مهمان ترسائي ڪريان تير ڳي
اپ جون اکيون ڊول ڏسندي هوا

# غزل

ساڳـــي ڳوٺ ۾ هاڻ مٽـــي منهنجي نہ رهي
تو سان رانديون شور گهٽـــي منهنجي نہ رهي

ميڙڻ سان تـــي وڪري جانم جـــوڙ اچي
ءِ دل درپن جيئن ٽٽـــــي منهنجي نہ رهي

آگر ڦيرڻ لئـــــه وار پون تا وچـــــڙي
جوين ڦوه ڦٽيون سينڌ پٽي منهنجي نه رهي

اڪين ۾ اميدون رات ســـــتا اوجـــاڳا
پازيب بنان پره ڦٽـــــي منهنجي نه رهي

اظهار اڳيان عـــجب حـــجاب هئي حائل
اک اک ۾ هئي چـــاه چٽـي منهنجي نہ رهي

انڪـــار ۾ آئت اونچـــي عادت تنهنجـــي
پرکڻ لئه پر ســـوچ سٽـــي منهنجي نہ هئي

# غزل

سوا تو هانون جي حالت سٺي به نه آ
رساما روز جـــــا عادت سٺي به نه آ

ڇـــڏي ٿـــي لک لتاڙي راهه تان ويندي
ڪندا ڪـاوا رڳو راحت. سٺي به نه آ

پري محـــفل پر سان وجهين پاڪـــر
گهـٽـــي ٿـــي آ پرين پارت سٺي به نه آ

گهٽائي گهاءُ آهن جـاءِ ڇـــڏ جاني
پلين تون ترس ڪر طاقت سٺي به نه آ

جفا جـــــا پيچ پائڻ آمنا محبت
رڪـــي تو راءِ مون بابت سٺي به نه آ

ڇـــڏي ڏي دل وچڻ وارا ڳچي ڳارا
اها هڪ طرف جي چاهت سٺي به نه آ

# غزل

دل آ پرين مونجهارن ۾ ڦاٿي
تنهنجي ڏگهيرن وارن ۾ ڦاٿي

گس ڳوٺ جي آ بس روز ويندي
پر لاهيارڻ لابارن ۾ ڦاٿي

سامهون ثبوت هئا سڏا سپ
چنري به ديوي تارن ۾ ڦاٿي

آ رات اٽڪت ساريان نکت تو
اڪ چنڊ چتائي تارن ۾ ڦاٿي

چاپيون وجهي تي ڏاڳي ۾ ڏياٽي
تو ور وڙهي ٻارن ۾ ڦاٿي

"ممتاز" پي مرڪي منهن ڏنو هو
زندگي ڪنن ڪردارن ۾ ڦاٿي

# غزل

ندي جـيئن آئـي وهي ياد تنهنجي
وسـي ٿي اکين تي رهي ياد تنهنجي

پڇا ٽان کـيا پار تنهنجا ڏنان مون
گهڙي لاءِ نا هـي لهي ياد تنهنجي

ڄـنائي هٿا هٿ هِلايا هــوا ۾
اتم الوداع ۾ سهـــي ياد تنهنجي

رِدم روڪ ساجـن سُنو آ سڳي جو
چِلي جي ڇها سان ڇُهي ياد تنهنجي

نماشام نيٽن اُتاري عڪس جـي
مٿا مينهن وانگي ٿهي ياد تنهنجي

ڇڏي چانون آ زور جي هُن هوا سان
ڪـڪائين هئي گهر ڍهي ياد تنهنجي



# درس دادن فقير

## تعارف

مڪمل نالو:- قدرت اللّٰه

ادبي نالو:- درس دادن فقير

پيءُ جو نالو:- علي محمد

ڄم جي تاريخ:1990 /3/8

ڄم جو هنڌ:- ڳوٺ علي محمد درس

تعليم:- پنج ڪلاس

ملازمت:- زميداري

لکڻ جي شروعات:-4/7/1999

لکيل صنفون:- غزل نظم وائي

ڇپيل مواد: ٻہ ڪتاب .مرڪ تہ موڪلايون .جودا اڻي جاڳ

رابطو نمبر: 03032011027

ڏس پتو: درگاهہ پيرپٺو سخي ڏاتار

# غزل

مهل ماڙيون محب مون وٽ ڪين ڪا محلات آ
روشنيون نه تت رسن جت رات ڪاري رات آ

روح ڪي نه راحتون جن وٽان راڳا رسن
ڏنپ ڏي جا ڏيھ ڪي سا ڏسُ ڪھڙي ذات آ

پل پري پيارا پرين نه پاڻ کان تون ڪجي پري
سڪ سندم سيني اندر جڻ ساھ ڪي سڪرات آ

ڪر نه دوريون دلربا دلڙي گھري دم دم توکي
ترس تون تڪرار ڇڏ بس تن ۾ تنھنجي تات آ

مون ماريو موت ڪي موت کان اڳ موت ٿي
ٿي مون سان ھر موڙ تي موت جي ملاقات آ

رنگ رچن جت رونقن جا اُت رھا ٽيو رات پر
ٿي وئي جنھن ڪي عطا جو عشق جي سوغات آ

درس دادن جو ھي دلبر عرض آ توکي عجيب
سڻ سخي ھي سوال سارا لاٿي لامن لات آ

# غزل

دوبدو درشن جي ٿئين دلدار واھ واھ ٿي وڃي
جھومي پوي جي جيءُ جڏو منٺار واھ واھ ٿي وڃي

ڏي نه ڏوراپا ڏکي کي ڏک ڏکائين پيا اڃان
ڏي دکي دل کي دلاسو يار واھ واھ ٿي وڃي

محبوب محبت جي مٺا ماري وڌو آ مامري
ڪر پڪو پيارا پرين اقرار واھ واھ ٿي وڃي

جان جند جيرا جگر جانب جدائي ۾ جليا
لھ اچي ساجن سگھو سار واھ واھ ٿي وڃي

سڪ سندي ھن سمنڊ ۾ ساٿي نٿو ساجن سجي
تار مان تازو تري جي پار واھ واھ ٿي وڃي

ننڊ نه نيڻن کي اچي نيڻن ۾ ڳوڙھن جو نديون
گڏجي گھڙيون کي گھار واھ واھ ٿي وڃي

درس دادن دلربا دوريون ڪر مجبور ڪان
يا يڪو پنھنجي ھٿن سان مار واھ واھ ٿي وڃي

# غزل

دوست دلبر دل پنهنجي تان دم ڏکاري تون نه وڃ
بيقراري جي بدن ۾ باھ ٻاري تون نه وڃ

هاءُ هلائيم کوڙ حيلا هڪ نه حيلو ٿو هلي
وس ويا بي وس ٿيس بس ائين وساري تون نه وڃ

سڪ سندم سيني اندر سَنڌ سَنڌ جڏيو ساڙو ڪري
مينهن مون ڪان محبوب موڙ مفت ماري تون نه وڃ

درد منهنجي دل اندر دم دم مچايو ڏم چڪري
مهر ڪر مجبور تي ڪا هانوِ ڏاري تون نه وڃ

مج متا منٿون منهنجون مسڪين سان ماٽا نه ڪر
گڏ گهڙيون ڪي گهار ھاٽي ڏک ڏيکاري تون نه وڃ

ٿي جهوري جانب جدائي ڪئين گذاريندس هتي
جان جند جاني جسم مُڙُ ماس ڳاري تون نه وڃ

دل گهريا اي درس دادن دور تون مون ڪان نه ٿي
دل پٽر جي دلربا دلدار ڏاري تون نه وڃ

# غزل

ڏئي دڙڪا ڌڪاريندين نه وائي وات واريندس
بنا جي ڏوهه ماريندين نه وائي وات واريندس.

مٿا موڪل اٿئي منهنجي صليبن تي ڪٽي لٽڪاءِ
ڪٽي جي ڪل لاهندين نه وائي وات واريندس.

ڏنم دل توکي دلبر رهيو پيو ڇا پلا مون وٽ
ٻاهي ٻم جي ٻيهاريندين نه وائي وات واريندس.

خالي خيما خوابن جا اکين کي ننڊ ڪئين ايندي،
نه جي گڏجي گذاريندين نه وائي وات واريندس.

اڱڻ تنهنجي هلي دلبر ڪرڻ ديدار آيو هان،
تڏي جي تون اٿاريندين نه وائي وات واريندس.

رڳو دادن جي يادون سنڀالي مون رکيون آهن،
درس جي دور گهاريندين نه وائي وات واريندس.

# غزل

موت تون محبوب مون ڏي ماري ماري وڌو،
سور صدمن آسچڻ هي اندر ٻاري وڌو.

مهر سان ڪر مهرباني موت ڪر محبوب ڪا،
تو سوا گذري گهڙي ڪئين گهاء جو گهاري وڌو.

دوست توکان دور ٿيندي سال گذريا سڏڪندي،
درد پلتي دل مٿي پيا ۽ ڏکن ڏاري وڌو.

تون نه آئين يار جاني پر وريا موٽي پکي ،
سج لهي سانجهي ٿيو ۽ رات رڻ ٻاري وڌو.

ڪر ورڻ جي درس جلدي آخري آ هي گهڙي،
وڪ وجهي دادن سگهو آ هائون مون هاري وڌو.

# غزل

معصوم نگاهن جي سپنن جو قتل ٿي ويو،
هن قوم ويچاري جي جذبن جو قتل ٿي ويو.

ماتم ۾ رهي موسم هر شام اداسي ۾،
ٿي لاش حياتي آ لڙڪن جو قتل ٿي ويو.

بدزوق جي هوڪن تي نيلام ٿيا نينگر،
خاموش زمانو ٿيو سڏڪن جو قتل ٿي ويو.

ويڪائو ته ويا وڪجي پيا چور چڱا ن سڏجن،
تاريخ لکي چا چا بابن جو قتل ٿي ويو.

رت ساڻ رنگيل لاشا سنڌ توکي مليا سوکڙي،
ڏارين جي هٿان دادن پنهنجن جو قتل ٿي ويو.

# غزل

اجان هي رت پيو ٿهڪي غدارن کي چئي ڇڏجو،
آزادي آ عزم پنهنجو مڪارن کي چئي ڇڏجو.

اسان جي رت سان رهزن اوهان سياست گهٽي ڪئي آ،
نه سهبيون هاڻ ڪي دمڪيون پوتارن کي چئي ڇڏجو.

لتيائون هاءُ هارين کي، ڏنئو مهراڻ کي گهوگهو،
ڪبا پلانڊ سڀ ساري سهارن کي چئي ڇڏجو.

اسان جا حوصلا هيٺا نکي ٿيا هن نکي ٿيندا،
جهولائبا جهندا ڳاڙها پيارن کي چئي ڇڏجو.

ٻلي هي سر وجي ڪٽجي، وڙهي پنهنجو ته حق وٺبو،
وليون نئون ويس پائيديون ولهارن کي چئي ڇڏجو.

امن لئي جنگ جاري آ گواهه اي چنڊ تون رهجان،
لهن جڳ تان متان جلدي ستارن کي چئي ڇڏجو.

پيون پڙڪن اجان با هيون امن جي "درس" نگري ۾،
ڪٿي منزل نه آ "دادن" ڏنارن کي چئي ڇڏجو.

# غزل

حسرتن جا هتي ڪوڙ لاشا رهيا
بيوسي جا رڳو يار پاڇا رهيا

درد جي ديڳ ۾ روح رڌبو رهيو
ها حرامين جا هرهر ئي هوڪا رهيا

لاڙ ۾ نيرڳين جو قتل ٿي ويو
سنڌ ۾ سوڳ جا ئي ته سڏڪا رهيا

رات جي قيد ۾ چنڊ قيدي هيو
ها ڪنوڻ جا ڏڪڻ ڏي ته ڪڙڪا رهيا

ديس سان ڪئي غداري آ ڏوتن وري
ديس واسين تي دلالن جا دڙڪا رهيا

درس ڏارين جي هٿ ۾ آ منهنجو وطن
دل مٿي دادنا هي ته اُلڪا رهيا

نيرڳين ,پڪي جو نالو آهي
جيڪي سياري مهمان ٿي اچن ٿا

# غزل

ڪوفين جي قهر ڪان ٿي بيزار قوم آهي
هن سنڌ ڪي صدين ڪان آزادي ملي نا هي

هر لاش بي ڪفن آ قبرن جي شاهدي آ
ماتم ۾ موسمون هن لاڏو نه ڪوئي ڳاهي

ڪن ديس سان غداري سي ديس جا ڏٽي ٿيا
ضمير پنهنجا وڪڻي امير ٿيا ته چاهي

مسڪين جي هٿن ۾ نشان پيا لفن جا
گهر جي ڪري ڪئين پوري ڳوڙها ويٺو ته واهي

تاريخ ٿيندي شاهد انصاف نيٺ ٿيندو
اي درس حوصلو رک دادن تون دل نه لاهي

# غزل

اسان جي امن لئي آهي جنگ جاري،
ڪئي ديس سان يار ڏوتن غداري.

اُتر لاڙ ڪاڇو لٽي ويا لٽيرا،
رهي سوڳ ۾ ٿي سڄڻ سنڌ ساري.

اسان ڪان هي مذهب پري رک پري رک،
اسان جي حياتي آهي جڻ اڌاري.

رسي ننڌ اکڙين ڪان وئي آ هميشه،
اسان جو غمن ۾ عمر آ گذاري.

مڪاري نه فتويٰ فروشي ڪپن ٿا،
اسان جي نہ آ بي وڙن ساڻ ياري.

ڪيو سڌ آ سولي وري دادنا آج،
متان درس توکي سڌي سنڌ مياري.



# راجا پيم

## تعارف

مڪمل نالو:- پيمراج

ادبي نالو:- راجا پيم

پيءُ جو نالو:- راڻو

ڄم جي تاريخ:- 19/03/1993

تعليم:- انٽر

ملازمت:- پي سي (PC)

لکڻ جي شروعات:- ؟؟؟

لکيل صنفون:- غزل،گيت، نظم، بيت وغيره

ڇپيل مواد: ڪا ٻ نہ

رابطو نمبر:03460289448

ڏس پتو:ڳوٺ لکميار،تعلقو مٺي، ضلعو ٿرپارڪر

# غزل

زخم ۾ درد ڪيڏو آ بدن تي سوچجان ٿورو!
اکين ۾ خواب ٽا اڏرن انهن تي سوچجان ٿورو!

گھٽين ۾ شاعري منهنجي اجان تائين آ دربدر.
سمورا لفظ رنا آهن سٽن تي سوچجان ٿورو!

اسين مسافر مقتل جا صليبن ڪان ڊنا ناهيون.
ڪٽي نهارون ڦاهي جي ڦندن تي سوچجان ٿورو!

اداس موسم جا سڏڪا سرنهن تي رقص ناٽين تا.
پڇي آرس پره ويلا پنن تي سوچجان ٿورو!

اجان تائين سوڳ ۾ آهن جتي ٻئي پاٽ وچڙيا سين.
نماٽي ڳوٺ جي دل جي دڳن تي سوچجان ٿورو!

موهن جي دڙي منجهان تهذيب آ توکي سڏيو.
رکي آڱر منيء متوا چپن تي سوچجان ٿورو!

# غزل

اکن کي ڇڄو پتن کي سنڀاليو!
ڇپر پيو ڇٽي ڇتن کي سنڀاليو!

متان ڪا سبو تي گهايل پئي•
چڱو آ تہ پنهنجي بدن کي سنڀاليو!

وچي ڪو قاتل هٿن کي ٻڌائي•
اڙي ظالمو وحشتن کي سنڀاليو!

گلابن جا لاشا عرش تا ڏارين•
احساس ڪيو متن کي سنڀاليو!

سنجهي ۾ حياتي سڏڪا پري تي•
هن اوبلي ٽاٽي رستن کي سنڀاليو!

اٿي دل عشق جي سمنڊ منجهان•

چيو آ هيئين وطن کي سنڀاليو!

# غزل

•ٺر جي پٽن پر ۾ مون سنڌ ڏٺي
ڪچي وچ اتر ۾ مون سنڌ ڏٺي!

•طنبورن جي تارن تي هٿ رکي
پٽائي جي سر ۾ مون سنڌ ڏٺي!

•ٺڏي شام لاڙ جي پٽن تي چٽي
پرين جهڙي پهر ۾ مون سنڌ ڏٺي!

•اجرڪن جي خوشبوءِ فضاءَ ۾ لٿي
مٺيءَ جي شهر ۾ مون سنڌ ڏٺي!

•سنجها ويل پايل جو ڇڻڪو وڳو
ڪٿ ڪنڌي ڪپر ۾ مون سنڌ ڏٺي!

•ٻنن جي مٿان ڪا حياتي هئي لڏي
هاري جي پڳهر ۾ مون سنڌ ڏٺي!

•لوڙهن تان بيهي هن چنڊ نهاريو
ڪنهن نماڻي نظر ۾ مون سنڌ ڏٺي!

# غزل

بنا رت ڏوڏي تو ڇاٽيا گل، او قاتل او قاتل.!
سدا سرها آهن ساڙيا پل، ـاو قاتل او قاتل.!

محبتن جي ميلي ۾، وڌائي پهرا ٺهڪن تي.
محبوب ڇپن جي ماري کل، او قاتل او قاتل.!

ٿمي پيو ڪنواري نڙيءَ مان رت توبه ڙي توبه.
ٽيو ڳوٺ سڄي ۾ آهي، هل او قاتل او قاتل.!

اي وقت ٿورو تون ٻڌا قصور حوا ڄاين جا.
پنهنجو پاڻ تي ڪارنهن مل او قاتل او قاتل.!

ٿي ڏرتي ڇيري اپري دانهن درد پري آهه سان.
ڪيڏو درد رکي ٿي هي دل، او قاتل او قاتل.!

هن ڪراڙ جي ڪنارن تي آيت ڏٽي ڇيو هيئن.
منهنجي سنڌ آسورن ۾ ٻڏل، او قاتل او قاتل.!

# غزل

وري آءُ ته ٻانهون، وڏائي ملون.!
اکين سان اکيون، ملائي ملون.!

رڳو سوڳ ۾ آ، سڙي دل ڇري.
پسيل نيڻ ڪنوارا، ڪلائي ملون.!

زمانو عقابي، نگاهون رکي ٿو.
ڇڱو آ ته پاڻ ڪي، لڪائي ملون.!

پرين ٿر پنهنجو، اجارو لڳي ٿو.
ٿڏيون سانوڻيون، ــ وسائي ملون.!

رهيو عرش گهايل، سواءِ تو پرين.
سنجهي ۾ ستارا، ــ جڳائي ملون.!

ڇڏي ڏي چنڊ ڪي، پلي پيو اپري.
بيهه ترس ٿورو، مسڪرائي ملون.!

# غزل

ستل سور تنهنجا، لا_جواب ٿيءِ پيا.!
غضب ھي کھاٹيون، ڪتاب ٿيءِ پيا.!

چٽيون يادگيريون، ته ھي وچوڙا وڏيا.
اکين منجھ ڳوڙھا، _ سيلاب ٿيءِ پيا.!

وٺيون ڪونه بارشون، رتا چانورا چو؟
عذابن مٿان ھي ٻيا، _ عذاب ٿيءِ پيا.!

تو نگاھن ڪي وڏائي، حسرتن مان ڏٺو.
نشا نينھن جا سپ، _ شراب ٿيءِ پيا.!

روھيڙن تان مورن، پئي ٿھوڪا اڏاريا.
منھنجي دل جا ڳوٺ، _ گلاب ٿيءِ پيا.!

مگر چا ڪيون، او مٺيءِ تنھنجا ماٽا.
اسان لئه الجبرا جا، _ حساب ٿيءِ پيا.!

# غزل

گھٽا غم دل تي، رکون حور تنهنجا.!
اجان تائين ٽڪاٽا، رهيا ڏور تنهنجا.!

سڀ ستارا اٿاري، ـ انڌيرو ڇٽي ٿو.
هيئين تي ڪڏن ٿا، پرين پور تنهنجا.!

اسان جون خطائون، زمانا لکي ڇڏ.
رليا خوب آهيون، ڪٽي سور تنهنجا.!

چوڏهين چند جهڙا، ٻئي ڪنوارا نيڻ.
وساريا نه وسرن، ـ مٺي مور تنهنجا.!

اسين اڄ به ساڳيا، پيار جا مسافر.
التجائون اسان جون، ـ غرور تنهنجا.!

وري اڄ ته دل جون، ميارون کوليون.
وفائون منهنجون، ۽ ـ قصور تنهنجا.!

# غزل

نگاهن کي وڏايون. ٻڌا او زمانا..!
ڪتي نيڻ وڇايون. ٻڌا او زمانا..!

ساڱيئي وطن جي. مٽي جا ماڻهو.
تڏهن ڀي جدايون. _ ٻڌا او زمانا..!

پتن جي بدن" تي. چٽي پياس آ.
ملهاريون نه آيون. _ ٻڌا او زمانا..!

پتو ڪو به ڪونهي ڪٿي آ هوءِ.
گهٽا چنڊ ڇپايون. _ٻڌا او زمانا..!

وڇوڙن ۾ ائين. حياتي سڙي تي.
سڙن ٿيون سرهايون ٻڌا او زمانا..!

عجب فلسفو آ. پيار جي ڪهاڻي.
غضب جون وايون. _ ٻڌا او زمانا..!

اهو سور ڪيڏو. دل کي وڍي ٿو.
ڪيئن غم پلايون. _ٻڌا او زمانا..!

# غزل

نهار نيڻن کي وڏائي ڪڪرن جي ڪتي جانم.!
وسي پيو هيل ٽر پنهنجو وري آتون مٽي جانم.!

نماڻا ذلف ڏڪي رڪجان چٽي پيو چانورو مٽان
مٽان ڪاڪل آلا ٽين ـ سنيالجان چٽي جانم.!

ڪنڌين جي اوٽ ۾ لڪي ڪا ياد پئي توکي سڏي
چيو آچنڊ چنن پاسي ٿري آرات سٽي جانم.!

وري هن ڳوٺ جي دل تي پوسل جي ڦتي خوشبو
ملڻ جو موقعو آهي ـتي موسم اندلتي جانم.!

اتاري ڳوڙها نيڻن تي ـ ڪيا تنهنجا پچاڻا هن
نکي نياپو اماڻيو تو نکي آئي چٽي جانم.!

چٽيون مرڪون گلابن جون ـ مليا پاچا نگا هن جا
الائي چوا جان آهين ـاسان ڪان تون رٽي جانم.!

# غزل

رتل چو سنڌو جا. ڪنارا رهيا.!
اسان لئه رڳو سور سهارا رهيا.!

نڪي غم ڇاتو. شفق جي هوا.
الئه ڪٿ پکين جا. اڏارا رهيا.!

لڪي سانجهڙين ۾. نيڻن ڏٺو.
بنا چنڊ گهايل . ستارا رهيا.!

رڪون دل ڪيئن پنهنجي تڏي.
ڪجي ڇا عذاب . اڏارا رهيا.!

اداس لوڙهن تي نگهائون رکي.
پنل نيڻ هن جا. ڪنوارا رهيا.!

اکين جي آڏو. اجان به اجارا.
سواءِ تو صنم . نظارا رهيا.

# غزل

وري چنڊ عرش کي چمندو. تڏهن ٻئي پاڻ ملنداسين.
گسن تي سوجهرو ٿيندو. تڏهن ٻئي پاڻ ملندسين.

ٻڌڻ ۾ گيت ايندا ڪي. سنڌو جي ٻنهي ڪنارن تي.
ڪو مهاڻو ٻار مرڪندو. تڏهن ٻئي پاڻ ملنداسين.

اکين ۾ حسرتون سانديي. ملهاري مند جون جانم.
وطن ڏي واهيرو ورندو. تڏهن ٻئي پاڻ ملنداسين.

وڏائي پير ڪوهن ڏانهن. تتي ڌر جي پڌر مٿان.
بدن ڪو بانورو لڏندو. تڏهن ٻئي پاڻ ملنداسين.

اداسين جي پاڇن ۾ . نسورو سور پرين تنهنجو.
نماڻي دل تي ڇٽندو. تڏهن ٻئي پاڻ ملنداسين.

ٿڌي اڌ رات ٿاڻي ۾. منهن مٿان اجرڪون اوڍي.
سمورو ڳوٺ ستل هوندو. تڏهن ٻئي پاڻ ملنداسين.

# غزل

ٽڪل نيڻ ڪنورا. اجاڙا اسان جا.
الئه ڪٿ سپنا . وڃاڻا اسان جا.

حسرتن جا گلاب گسن ۾ قلوري.
فراقن ۾ گذريا . ــ ڏاڙا اسان جا.

دل جي پنن تي. چٽي ياد تنهنجي.
فضائن ۾ سڏڪا . اڏاڻا اسان جا.

نڪي تو به ڪانگل. اڏاريو پرين
ڪيا نه چنڊ ڪان. پڇاڻا اسان جا.

اتي جي هوا ۾. وڇوڙن ڪي لوڏي.
رنا گيت آهن. ــ نماڻا اسان جا.

هندورن جا جهوٽا اسان نه ڄاڻون
ڪڪاڻن چنن تي. وڇاڻا اسان جا.

سرندي جي سر ۾ به راحت نه ملي
رهيا سور ساڳيا . ٽڪاڻا اسان جا.

# غزل

پرين رات توکي، ساري ستاسين،
اکين ۾ ڳوڙها، اتاري ستاسين.

ستاسين مگر چين دل کي نه آيو
پره ويل پاريل، اڏاري ستاسين.

الله چونه اپريو اجان چنڊ ساڃيو
نيڻن کي رستن ۾ ٻاري ستاسين.

وري عيد آئي، ملڻ هوء به ايندي
چري دل پنهنجي، ڏتاري ستاسين.

اندر کي به عذابن هو ايڏو کنو
جو سمورو ڳوٺ، روئاري ستاسين.

اها جاء جتان، تون رخصت ٿئين
پنل سانجھ ڏاري، نهاري ستاسين.

وسي هيل ٿر، کا خوشبوء ڦٽي
مٺي مند ملهاري پکاري ستاسين.

# غزل

سڪ مان سڏيندين. ته وڏي مهرباني.
ٽڏا ساھ پريندين. ته وڏي مهرباني.

اسان تنهنجي نماڻن نيڻن جا اجارا.
اکين تي رکندين. ته وڏي مهرباني.

دکي دل جي ٻنهي ڪنارن مٿان.
چانوروٽي رهندين. ته وڏي مهرباني.

نماءِ شام ٽاڻي ڪنڌين پر پاسي.
پڇاڻا به ڪندين . ته وڏي مهرباني.

رني بس دلبري آ ڳوٺ جي گهٽين ۾.
دلاسا ڪي ڏيندين. ته وڏي مهرباني.

وري واءِ ساڳيو وطن ڏي وريو آ.
پرين تون ايندين. ته وڏي مهرباني.

# غزل

ملي نه سگهياسين. مٺا مور ماٺھو.
ڪيڏو سڪياسين. مٺا مور ماٺھو.

مٺي مرڪ تنھنجي ڪنواري مٺان.
پن پن تي چٽياسين. مٺا مور ماٺھو.

اسان تنھنجي رولاڪ رستن جا جانم.
مسافر ٿياسين. ـمٺا مور ماٺھو.

ڪٽي سانجھ آئي ستارن جا سڏڪا.
اسين پي رناسين. مٺا. مور ماٺھو.

اداس پکين جي اکين ڪان پرين.
پڇاٽا ڪياسين. مٺا مور ماٺھو.

رلياسين جو ايڏو نه پتو ڪو پيو.
الله ڪٿ رھياسين. مٺا مور ماٺھو.



# جيتمال ڪشواڻي

تعارف

مڪمل نالو:- جيتمال

ادبي نالو:- جيتمال ڪشواڻي

پيءُ جو نالو:- ڪرشن

ڄم جي تاريخ: 2002

تعليم:- پنجون پاس

ملازمت:- رازو

لکڻ جي شروعات:-2021

لکيل صنفون:- غزل،گيت، نظم، بيت ٽيڙو/هائيڪا ۽ وائيون وغيره

ڇپيل مواد: ڪا ٻ نہ

رابطو نمبر:03492428461

ڏس پتو:ڳوٺ ڪيرتي،تعلقو مٺي، ضلعو ٿرپارڪر

# غزل

جاني توکي چاھي دل ٿي،
ڪيڏو توکي پائي دل ٿي.

حال تہ ڏس ھي منھنجا ھيٺا،
تنھنجي ياد ستائي دل ٿي.

تون جو مُرڪي ڪون ملين ٿو،
ھي ٻاله ڏُکائي دل ٿي.

جيتمال توسان توڙ ڪبو،
پل پل تہ قسم ڪائي دل ٿي.

# غزل

ياد ڪري تون يار هلي آ
مونکي ڏيڻ پيار هلي آ

پٽ جي پرم ۾ ٻيٺو آهيان
لهي تون لڪ دلدار هلي آ

ڏس واهوندي واء لڳي پيو
ڏاڍي تي ٽڌڪار هلي آ

مونسان ريت ٽڏي تي جاني
ڪا گهڙي ڪن گهار هلي آ

ڏس رات مٺا آڌي آتي
تون تتر واري تار هلي آ

تو جو مونسان قول ڪيو هو
هو قول اچي پار هلي آ

"جيتمال" تنهنجو خادم آهي
منهنجا او سردار هلي آ

# غزل

منهنجو من هو مستانو مٺا تنهنجي محبت ۾
مون تي سڙندو هو زمانو مٺا تنهنجي محبت ۾

تو ڏنو نشاني ۾ مونکي چلو هو
مون ڏنو جيون جو نظرانو مٺا تنهنجي محبت ۾

ڪري پرين تنهنجي پيار لاءِ پنڌڙا
ايندو هئس آئون روزانو مٺا تنهنجي محبت ۾

مونکي تنهنجو سهڻا سدائين
هوندو هو فڪرانو مٺا تنهنجي محبت ۾

هر روز جيتمال پئي توڪان سکيو
نئون تنهنجو بهانو مٺا تنهنجي محبت ۾

# غزل

ڇا پرين هُو زمانو هو،
تنهنجو ملڻ ٿيندو روزانو هو.

اڄ آهيان اُتي ڏسي بيٺو روئان،
جتي پنهنجو آستانو هو.

تو ڏنو اجان مونکي ياد آهي،
پيار جو هڪ نظرانو هو.

ڏينهن اڄ تائين ياد ڪي نينهن هئا،
ڪڏهن جيتمال تنهنجو ديوانو هو.

# غزل

چاندني جئين چتي تي لڳي مونکي،
ساهه کان وڌ مِٺي تي لڳي مونکي.

مور ۽ ماڻهو خوش ٿر جا ٿيا،
مينهن وانگي وٺي تي لڳي مونکي.

هو تہ جانا اچي کئين ملڻ موسان،
لوک ماري مُٺي تي لڳي مونکي.

سور تي ويڙهي هن کي ڇڏيان ٻڌي،
هو زخم لاءِ پٽي تي لڳي مونکي.

کون تو جڳ وٽي جيتمال دل کي،
هک سدا هو سٺي تي لڳي مونکي.

# غزل

تنهنجي سونهن ۾ منهنجي اکڙي،
ڏي جاءِ دل ۾ مٺا مڃ منٿڙي.

هڪ پيلو پائين ٿي چولو سوڙو،
ٻئي ٿي وٺي مونکي چيل سنڙي.

هي هجاب جواني لاءِ جوکو لڳي،
متل رت آءِ رڪ مون سان سڳتڙي.

ورهين ٿيا وات نہ ٿي دل جي،
هاٽي نہ ڪبي لوڪ ڪا لڪڙي.

تنهنجي جواني ٻانهن لوڏي ٿي،
ٿي ڪو ڪوڏ ڪڍي چاتلڙي.

ٿي موهي منڙو جيتمال جو،
يار تنهنجي هي مور وکڙي.

# غزل

اَج آوي اڱڻ تِي پرديسي جاني،
اهڙو مانِ ماهَنجو ڀاڳ هووي.

ڀَهي ڀيڙا ڀيسي کان ڪٽ تي،
ڪٽڪ روتي سنڀر رو ساڳ هووي.

دعا دل ڏي تي هووي سکيو سدا،
اووي کان هميشه پرهو فيراڳ هووي.

ڪيرتي ري ڪڄ ۾ رمِيا تا رانت،
ياد اووي نا او بس ماڳ هووي.

هر مشڪل آسان اَهي جيتمال،
رُڳو حاضر آپرو بس دماغ هووي.

# غزل

اسين من جا پوڙا ماڻهو،
دوکي ۽ دغا مان ڪون ڄاڻو.

دلبر دلڙي ڏي تون دان ڪري،
اي محب ڇڏ تون موسان ماڻو.

وقت وئي ڪانپوءِ پڇتائيندي،
هي وري هٿ نہ ايندو ٽاڻو.

مٺا ڇڏ مورڪائي مڃ مولا کي،
هٿ ٻڌي چوان ٿو ٿئي نماڻو.

پرين تون پڇي ڏس پورو پاڙو،
جيتمال جهڙو ڪو هوندو نہ ڪو سياڻو-

# غزل

مون سراسر ڪئي وفائي آ
چو ڪئي تو جدائي آ.

تون سچو ٿئين نٿو مٺا مونسان
تو بہ ڪاوڙ ڪئي اجائي آ

تو ڏني اڱ پيار جاني چو
هاڻ دلڙي پلا ڏڪائي آ

مون نہ تو مان مَنو ڪڏهن پايو
تو تہ موسان ڪئي دغائي آ

چو نٿو تون اچين مٺا پرچين
مون اجا سڪ نہ يار لاهي آ

جيتمال جي اکين بس آهي
نينهن ۾ نند رڳو وڃائي آ

# هائيڪا/ ٽيڙو

پيٽ ۾ بک
ڪٿيون پيا اسين
وڏو ڪو ڏک

ٽر جي واري سان
وڏو پيار اسان جو
سهڻي سنڌ ساري سان

ناري وَر
ڏسي مُرڪي ڪيٽ ۾
ٻور آئي ٻاجهر

سنو فصل ڏسي ڪيٽ ۾
سموري بک ختم ٿي وئي
هئي گهڻين ڏينهن جي پيٽ ۾

هي منهنجو ٽر
مونکي پيارو آهي
هي ڪڪائڻون گهر

پٽن جي پر ۾
اسان رهون ٿا
ڪڪائين گهر ۾



# ڏُرجن اي جوڏاڻي

## تعارف

مڪمل نالو:- ڏُرجن اي جوڏاڻي

ادبي نالو:- وفا ڏُرجن چوهاڻ

پيءُ جو نالو:- آسو

ڄم جي تاريخ:- 1 -3-1982

ڄنم جو هنڌ:- ڳوٺ سٽوهي

تعليم:- ميٽرڪ

ملازمت:- پنهنجو ڪاروبار

لکڻ جي شروعات:- 2001

لکيل صنفون:- غزل نظم گيت وائي سنڌي اردو ڏاڻکي

ڇپيل مواد: 3 ڪتاب جيترو مواد اڻ ڇپيل مئگزين رسالي ۽ اخبار ڪافي ڇپيل

رابطو نمبر:03412529667

ڏس پتو:ڳوٺ سٽوهي تعلقو ۽ ضلعو عمرڪوٽ

# غزل

حسد جو ڪرين پيو مٺا جاني مونکان
ڪيو ڦهر ڪيڏو زندگاني مونکان

ڪري ماس ٽڪرا هٿن سان وري اڄ
محبت جو پڇي پئي مستاني مونکان

هڪڙي ماڻهو خاطر برباد نه ڪر
ڪري روز التجا جواني مونکان

دل تي چين نشو ڇڏي ويئي
ٻچمين جي وٺي ويئي نشاني مونکان

وفا جي حياتي زهر تي ڪئين زم زم
پڇين جي ٻڌي وٺ زباني مونکان

# غزل

ياد نه هو سو يار ياد آهيو،
اڄ الائي ڇو دلدار ياد آيو.

لڳو هٿ ۾ پي ڄڻ ڇاتي تي،
وري اڳوٽو پيار ياد آيو.

هُن جا مستي ۾ عمر گذاري،
انهي مستي جو معمار ياد آيو.

محبت اهڙو روڳ آهي وفا،
اڄ توکي ٻه ڪو پار ياد آيو.

# غزل

سڄي زندگي اداس ڪيو تو،
هر خوشي کي ناس ڪيو تو.

توکي وڏي جيڪو پئي ڪر،
پيار جو پيپر نه پاس ڪيو تو.

تون ئي ٻڌا جانان ڇا ڪيان،
دشمن هميشا خاص ڪيو تو .

سورن ۾ تو هميشا ڏوري ڪئي،
وفا تي ڪڏهن نه قياس ڪيو تو.

# غزل

نَيتَ وِيندو مَلِي اڄ سَياٽِي وَرِي،
سَور وِيندو سَلِي اڄ سَياٽِي وَرِي.

مُرڪ ميڙِي چَپِنَ تَي بَهارِون ڪَٽِي،
پاڻ ايندو ڪلِيَ اڄ سَياٽِي وَرِي.

ڪَيسِ چوڙِي ڪُلهن وَچ شَهر ۾ مَنوِ،
چينچ ٻَيهندِو جَهلِي اڄ سَياٽِي وَرِي.

ٿِي سَٽوهِي لِڳِي بَنِ تَو سُنسانِ پَر،
تَيز هَوندِي ڳِلِي اڄ سَياٽِي وَرِي.

حال هَيِٽا ڪَري چَو رَوئِين پَيو وفا،
رام ڪندِو پَلِي اڄ سَياٽِي وَرِي.

# غزل

منزل کان بغير سفر ڪهڙو،
محبت کان بغير گهر ڪهڙو.

رات سوچيندي ويئي لُڙهي،
گهر آڌجي وکر ڪهڙو.

در تي ٽي حيرت گهٽي،
ديوار ناهي پوءِ در ڪهڙو.

وڇڻ وارا ٻڌاءِ مونکي،
تنهنجو آهي ور ڪهڙو.

تون نه ايندي وري ته ويندس مري،
تو کان سواءِ هي نگر ڪهڙو.

پٿر دل هي ڳري جهٽ ويئي،
اڃان ڪندي حشر ڪهڙو.

چني چيڙا ڪرين هوڏون،
آهي تو وٽ جگر ڪهڙو.

زرو سوچين وفا تولئه،
ٿيو هوندو دربدر ڪهڙو.

# غزل

گھٽن انتظارن پڇاڻ پُڄگي ٠
زندگي خوشين جي هاڻ پُڄگي ٠

من اندر هيو ميراڪڙو متل ٠
ٻانهون هارن اچي پاڻ پُڄگي ٠

ويرين اڳيان واٽن ايندي ٠
ڪلندي بهارن ساڻ پُڄگي ٠

واري تي ليڪا ڪيندي وفا ٠
منزل تي محبت جي رهاڻ پُڄگي

# غزل

جڏهن  ڪان  انهي سان ملاقات ٿي،
تڏهن  ڪان  غمن جي شروعات ٿي.

گهڻو  ياد  ناهي  ڪلياسين ڪڏهن ،
وڇوڙو  لڳو  پئي   وڏو ڪات ٿي.

زلفون  وڪيري وجهيون پاڪريون تو،
جذبا  وسيا   هئا  تڏهن برسات ٿي.

تڏهن  چنڊ  تارن  جڳمڳائي ٻڏايو،
جڏهن تنهنجي ٿهڪن جي خيرات ٿي.

رنو  پئي   وفا   تنهنجي  پر ۾ تنها ،
نه ڏنو ڪنهن دلاسو ويئي مٿان رات ٿي.

# غزل

دل جو قصو آهين ڪجھ خيال ڪر تون،
ڪڏهن وڪري وڃان بس سنڀال ڪر تون.

پياري ته هر چيز هُئي پر تون ڪون هوين،
مان مدهوش منهنجي لاءِ بس تال ڪر تون.

سڀ پنهنجي پنهنجي فنا ھ ۾ بي خبر آهن،
تون ڳڏ دنيا لاءِ وڏو بس مثال ڪر تون.

سراسري نگاھ ۾ تون آهين بس هڪ،
دُرجن آهي سامهون بس ڪر سوال تون.

تو ڏٺو پي هي تماشو گهٽ ڪون هو،
وفا ڪي سمجهين يار بس ڌمال ڪر تون.

# غزل

گلاب اکڙيون شراب اکڙيون،
چمان ته ڪئين لاجواب اکڙيون.

انهن ۾ الفت انهن ۾ شفقت،
ڪڏهن نه آڻين عذاب اکڙيون.

عجب خدا جا انيڪ اهڃاڻ،
سوال ڇيڙا جواب اکڙيون.

ڪڏهن خيالن اڳيان ترين ٿيون ۽،
ڪڏهن ٿي آيون خواب اکڙيون.

هزار پيرا جهڪي وفا تو،
رڳو تڏيون رک نواب اکڙيون.

# غزل

هي پار چا هُو پار چا سنسار ڇڏيندس،
توله مان دُنيا جو هر وهنوار ڇڏيندس.

هڪ اجڙيل گلشن جي دلجائي جي خاطر،
مان ڪنڊن سان نيائي بهار ڇڏيندس.

تون جي پڪ سان ايندينءَ به پير پيري،
مان دل جي سجائي توله دربار ڇڏيندس.

جُڙي آجند توسان اڙي آدل ازل ڪان هي،
توکي ڪيئن مان هينئن جا هار ڇڏيندس.

تو ۾ ڏڙڪي جا دلڙي مُنهنجو ديرو آهي،
سا دلڙي تُنهنجي ڪيئن مان دلدار ڇڏيندس.

تسبيح جي ڏاڳي سان سبنڌ پنهنجو وفا،
جيتري بار ٽنندي جوڙي هروار ڇڏيندس.



# عبدالغني شر بلوچ

## تعارف

مڪمل نالو:- عبدالغني شر بلوچ

ادبي نالو:- عبدالغني بلوچ

پيءُ جو نالو:- محمد صديق شر بلوچ

ڄم جي تاريخ:- 01-01-1990

ڄم جو هنڌ:- شاهن خان شر

تعليم:- ميٽرڪ

ملازمت:- پرائيويٽ جاب

لکڻ جي شروعات:- 2006

لکڻ جون صنفون:- تقريبن مڪمل

ڇپيل مواد: ڪو بہ نہ

رابطو نمبر: 03039481383

ڏس پتو: پڪاچانگ تعلقو فيضگنج ضلعو خيرپور ميرس سنڌ

# غزل

اڄ دل تي چوي دلدار ملون،
موسم آهي ڀلي اڄ يار ملون.

ويهي ڪچهري ڪيون قرب جي،
پائي ڀاڪر پيارا بار بار ملون.

جيڪو جلي ٿو ڀلي تہ جلي،
آءُ تہ ان اڳيان هر وار ملون.

ڪئي گلن گلزاري تي خوشبو ڇوڏاري،
ان منظر مهڪ منجهہ مٺار ملون.

ساوڪ تي آٿر ڪاڇيءَ ڪارونجهر،
تي سنڌ سڄيءَ ۾ آ هيڪار ملون،

ڪراچي ڪينجهر حيدرآباد مٺي،
يا اڄ سکر معصوم شاهہ مينار ملون.

هي ظالم زمانو ويري آ محبت جو،
هل تہ پرين هلي هن پار ملون.

اٿئي عبدالغني کي آسرو او پرين،
ڇڏ ڪاوڙ نہ ڪر انڪار ملون.

# غزل

تنهنجي نيڻن تي لکجي،
تنهنجي زلفن تي لکجي.

سهڻا آهن ٿهيل گلڙا،
ان نرم هٿن تي لکجي.

ناء وٺي تو پڪارين،
شوخ چپن تي لکجي.

چا ته ڪلڻ آ تنهنجو،
تنهنجي ٿهڪن تي لکجي.

هر ڳالھ تنهنجي واھ واھ،
موتي داڻا لفظن تي لکجي.

وفا ڪرڻ واقعي چاڻي ٿو،
تنهنجي واعدن تي لکجي.

پيار ۾ خمار ۾ عبدالغني،
شرميلي اکين تي لکجي.

# غزل

تنهنجي لفظن ۾ خوشبو آ،
تنهنجي زلفن ۾ خوشبو آ.

بنا گل ۽ عطر انبير لڳائي،
پوء بہ بدن ۾ خوشبو آ.

حاڪ تنهنجي حسن جي،
مچائي وطن ۾ خوشبو آ.

تنهنجي هر ناز انداز کان،
گهٽ گلن ۾ خوشبو آ.

وفا ۽ پيار پريت جي،
تنهنجي اکين ۾ خوشبو آ.

ڪيان واکاڻ تو تنهنجي،
انهن شعرن ۾ خوشبو آ.

وٺين ناء تنهنجو عبدالغني،
انهي جملن ۾ خوشبو آ.

# غزل

خوابن ۾ تعبير جون حسرتون
رهجي ويون تقدير جون حسرتون

وفائن بدلي ۾ بہ درد نہ مليو
بس قسمتي لڪير جون حسرتون

پائي ويس جوڳيا ٽو نڪتو درشن لئہ
پوريون نہ ٿيون فقير جون حسرتون

دلڪش آهي دنيا جو عجب نظارو
اڌوريون ڇو تحرير جون حسرتون

ڪنهن ظالم وحشي هٿان لتجي ويون
ڪنهن يتيم صغير جون حسرتون

عشق منجهايا جوڌا جوان ڪيئي
متئي ڇڏيئين سڌير جون حسرتون

ڪيا جتن آزادي لاء شر عبدالغني
اگهيون ڪون اسير جون حسرتون

# غزل

هن زندگي کي ڪٿان نہ ڪو سهارو مليو،
آيا طوفان ڪيئي نہ ڪشتي نہ ڪنارو مليو.

سوچو سين ڪٿان ڪو ساٿ عارضي ڏئي،
پر ڪون ڪنهن ڪان ساٿ اڌارو مليو.

هي دلڙي ڏاري ويو آ اڪيون رت روئاري،
هن دنيا جو سور مون کي سارو مليو.

جوڀن جواني جا جزبا جليا اڌورا اڌورا،
ان حسرتن کي سانديي نہ سيالڻ وارو مليو.

اسان سدائين رلياسين زماني جي گرم گلين ۾،
ڪون جو اسان کي ڇانو ڇپر سگهارو مليو.

هياسين جي ڀٽڪيل راهہ رستي تان ڪٽي،
انسانيت ناتي پوءِ ڇو نہ ڪو سڌارو مليو.

عشق ڏي لاڙو هيو ئي ڪون اسان جو،
الائي ڪٿان عبدالغني اڪ قاتل جو اشارو مليو.

# غزل

رات ساري ويهي گذاري نيڻ ستا ئي نا هن
تنهنجي انتظاري پيو بيقراري نيڻ ستا ئي نا هن

جسم جان ٽڙڪي اجهو ٽو در ڪڙڪي
واٽ توواري پئي نهاري نيڻ ستا ئي نا هن

ڏنو جو آسرو تو اسان کي اچڻ جو سڄڻ
راهه پهاري گلي سينگاري نيڻ ستا ئي نا هن

هڪ مان نه پيو تڙپان تو لاءِ منهنجا جاني
هي دل ويچاري دردن ماري نيڻ ستا ئي نا هن

اڄ تيندي لله ڪندو ملاقات محبوب سان
سيج سنواري رات پلاري نيڻ ستا ئي نا هن

ڏوهه تنهنجو ڪيو مون آهي کهڙو سائين
ايڏو روئاري دل آزاري نيڻ ستا ئي نا هن

وڃي هر هر ناءُ تنهنجو مان عبدالغني
شر پڪاري آڏيءُ ڏاري نيڻ ستا ئي نا هن

# غزل

جدائي ۾ جيئڻ ڪير تو چاهي،
جواني ۾ مرڻ ڪير تو چاهي.

ڪيو محبت آ مجبور مونکي،
پنهنجن کان ڇڇڻ ڪير تو چاهي.

پيو پيچ پتر دل ماڻهوءَ سان ورنا،
باهه ۾ سڙڻ ڪير تو چاهي.

ڪنهن بيوفا جي خاطر ملي نڪالي،
ديس پنهنجو ڇڏڻ ڪير تو چاهي.

حسن وارا لاغرض ڪن ٿا ستم دلن تي،
انهن کان پڇڻ ڪير تو چاهي.

ستمگر دنيا کان پري ڪو آستانو اڏجي،
هاڻي هتي رهڻ ڪير تو چاهي.

حڪم پهرين سان هر چيز وياسي ڪائي،
ڪڙا ڪوفتا کائڻ ڪير تو چاهي.

ٽٽي دل ڇتي جان جلدي عبدالغني،
بيوفا سان هلڻ ڪير تو چاهي.

# غزل

منهنجي  ڪاميابي جو راز    تون آن
منهنجي  تباهي  جو  آغاز   تون آن

هن  شاعري  ۾  دائري جي لفظ لفظ
جي  هر  اکر جو انداز  تون  آن

وئي ويچاري دل جهرڪي جيئان جهٽجي
اچ واجهائي ڏنم تہ اهو باز تون آن

مليو دل کي سڪون ۾ روح رقص ڪيو
وڄو  وجود  ۾  اهو  ساز تون آن

ڪوڪ ڪوئل جي مٺي ٻولي مور واري
انهن ڪان وڌيڪ ڪندو  ناز تون آن

ڪنهن ڳالهايو ڪيترو پر نہ تنهنجا چپ چريا
حسن  ادب  اخلاق  جو  لحاظ  تون  آن

ٽيو  سڏ  دروازي  تي   او عبدالغني
پڪ سان سڄاتو  مون  آواز  تون آن

# غزل

نفرتن کي ختم ڪيو،
محبتن کي جنم ڏيو.

خدارا هڪ انسان بڻجو،
انسانيت تي رحم ڪيو.

چو تا وڌايو بيحيائي،
ڪجھ حياء شرم ڪيو.

ڪيو ڪنٽرول زبان تي،
لفظ لهجو نرم ڪيو.

رت رشتا عظيم آهن،
پنهنجن جو پرم ڪيو.

مظلوم ۽ مجبور مٿان،
بيڏوھ نہ ظلم ڪيو.

عبدالغني ڪنهن گهايل جي،
زخمن جي مرهم پٽي ڪيو.

# غزل

منهنجي ڳوٺ جا اڇي تون نظارا ڏس،
محبتي ماڻهو سنا ۽ قربن وارا ڏس.

ووئڻ ڪمند ڪيلا ساريون ۽ مڱ،
ڪيڏا آهن سهڻا فصل سارا ڏس.

لهندڙ سج جو خوبصورت منظر،
چنڊ مٿان هلندڙ ڪڪر ڪارا ڏس.

ڪڪوريل ڪتل سنڌڙي ۽ لنگڙو انب،
ڄمون فاروا ڪائي ميوا مزيدار ڏس.

اسر ويل اٿي ڪن ڪڙمتون ڪي،
رازا وايا محنتي مزدور پرهارا ڏس.

نچندا ڪڏندا ڪيئن اسڪول وڃن ٿا،
ڪيڏا آهن ننڍڙا ٻار پيارا ڏس.

پوريون پٽاريون تڙڳن ٽيون تلاءَ ۾،
وٽ وٺيو وينا آهن هو ڌنارا ڏس.

نم ٽاري ٻير ۽ دمبا درخت،
عبدالغني سهڻي ساوڪ ۾ وڻجارا ڏس.



# مظهر علي ميربحر

## تعارف

مڪمل نالو:- مظهر علي ميربحر

ادبي نالو:- مظهر علي ميربحر

پيءُ جو نالو:- عبدالرحمان ميربحر

ڄم جي تاريخ:- هڪ فيبروري ٻه هزار ڇهه

ڄم جو هنڌ:- ڳوٺ رحيم ميربحر تعلقو جوهي ضلعو دادو

تعليم:- انٽر پاس

ملازمت:- زميندار ي

لکڻ جي شروعات:- 31 ڊسمبر 2020ع

لکيل صنفون:- غزل ، نظم ، بيت ، وائي وغيره

ڇپيل مواد: مختلف رسالن ۾

رابطو نمبر: 03093295876

ڏس پتو: ڳوٺ رحيم ميربحر تعلقو جوهي ضلعو دادو

# غزل

ڪَربَ، وِڇوڙا ڪُرڪِي آيا ،
سُـورَ اسان ڏي سُرڪِي آيا .

لــَجَ اَبوجَهن جِي تِہ لُٽَڻَ لئہ ،
بَـڻِـجِــي مُـرشِـد، ٺرڪِي آيا .

مُلڪِــي بَڻِجِي وِيا ڌاريا ءِ ،
ڌاريــــا بَـڻِـجِـــــي مُلڪِي آيا .

شـاطِرَ، جـابِـرَ، آمِـرَ، مـاٺُـو ،
قــوم مـٿان هِن ڪڙڪِي آيا .

امـدادِي پئسي مـان حاڪِـمَ ،
گهـمِـي سَـعُــودِي ترڪِي آيا .

رِشـوَتَ خورَ ڪَرپٽ حَرامِي ،
ڏِيَـــڻَ وَطَنَ کــي ترقِـي آيا .

جَــوڳـيـئَــڙن ڪي جاڳائِڻَ لئہ ،
ٻــولَ اســـان جا ٻڙڪِي آيا .

# غزل

نانگَ جَـي بِـرَ تِـي ڏِنـل نازڪ ڪُڙي آ،
زِندگي اڪ مـان ڳَڙيـل رَت جِـي ڦُڙي آ.

سُڪَ نه ڏِئي تِي، ڏُرتَ ئِي ڏِيندي رَهي تِي،
مُنهنجي دل ۾ جِـنـدڙِي جنهن سان جُڙي آ.

ڪا ته مُون ڪِان تِي خَطا هُوندي تڏهن رَبَ!
ٻاجَھ جِـي اڄُ مُـون مَـٿـان لاٿِـي ٻُڙي آ.

سنڌُ جَي وَيـرِي وَڏيـرَي جِي سِينـي ۾،
دل نه آهـي! زَهـر جِـي پَريَـل پُڙي آ.

گرمِي پَـدُ هر سالُ وَڌنـدَو ئِي وَجي ٿَو،
پـوءِ بہ ڪنهن پوڪِي نه ٻَـٻُـرن جِي هُڙي آ.

# غزل

ڪُجهہ گهَڙيون مُون پيارَ جُون توڪان گهُريون،
تــو هَنيــون دل ۾ وِڇــوڙي جُــون ڇُريون.

مُــونِ ڪَيــو اِظـهارُ تــوســان پــيارَ جــو،
تـو ڇِـڏيــون مُـون ڪـي ٻُـڌائـي سَـت سُريون.

تُنهنجي دلِ سان دل ٻَڌڻَ ٻُڌِ ايئن تو گهُران!
جيئن ٻُنديل هُونديون ڪمند جُون هن گُريون.

ڪـونہَ تِيندو ناهُ ٻُـالهين سـان مـتا!
خُـون جُـون آهـن پِياسيون ٻـئي ڏُريون.

هـئيِـــي رِم جهم تــو مَلهائِـــي، ۾ هُـتــي!
جُهــوپڙيــون مسڪينَ ما ٽُهـن جُـون جُهريون.

زِلــزَلــِو شِـدّت ســان آيَــو دردَ جــو،
هِـيـنـئَڙي مُنهنجي سَنديـون پِتِيُون پُريون.

دردَ وارو پُـڙُ اَجــان ڳَــورو رَهيـــو،
سَـبُ خُوشيون مُنهنجون تـــرازوءَ ۾ تُريون.

# غزل

رابِطا سڀ واسِطا ٽوڙي وَئِينءَ،
جِسمَ تان جِڻُ ماسُ ٽُون روڙي وَئِينءَ.

پيارَ جي پوتيءَ ۾ ويڙهيِ پُورَ جو!
دل اندر خنجر تِکو کوڙي وَئِينءَ.

يَوِڳُنائُن ۽ سَزائُن جي مُنِي!
مُند جو مُنهن مُون طَرفُ موڙي وَئِينءَ.

سُک جي ٻيڙيءَ تانِ ڌِڪي مُون کي ڌِکو،
چو ڏکن جي ڍَنڍِ ۾ ٻوڙي وَئِينءَ؟

سِوِکڙي مُون کي وِڇوڙيِ جي ڌَڪي،
غيرَ سان ناتو نئُون جوڙي وَئِينءَ.

# غزل

هِڪڙو پَيرو پيهر سِينُو ساهيان ٿو،
دل جي شِيشي تان دُکَ جِي دَزَ لاهيان ٿو.

اُنَ ڪان اڳ جو هُنَ جُون سارُون ساهُ ڪَين،
آئون هُنَ کي تُرتُ وِسارَڻ چاهيان ٿو.

دل ۾ تِي پيو آهي جَهيڙو دِماغَ جو،
وَيهِي، سُهڻِيءَ رِيتِ ٻنهي کي ٺاهيان ٿو.

توڙَي جو ٻئي پيرَ پٺُون تِي پيا آهن،
پوءِ به منزل ڏي مان خود کي ڪاهيان ٿو.

رَبَ ۾ منهنجي وِچَ ۾ جيڪي تِي پيون هُون!
دُوريءَ جُون دِيوارُون ساريون ڍاهيان ٿو.

# غزل

دردَ دَوکا ڏِئَي ڏُک تَه ٽِيندو،
دوستُ، دُشمنُ ٽِئَي ڏُک تَه ٽِيندو.

جَي مِلَي، ڏِئَي دُعائُون جِيَڻَ جُون،
پُٽِ پُٽِيان پِيو پِٽِي ڏُک تَه ٽِيندو.

دوستُ بَڻِجِي رَکِي مَيرُ مَنَ ۾،
سا زِشُون سَوَ سِتِي ڏُک تَه ٽِيندو.

جسمَ ۾ چَنبِڙِي چَورَ وانگَي،
رَتُ رَگُنِ جو پِئَي ڏُک تَه ٽِيندو.

مُون تِي ماٺُو کلائِڻَ لَئِه مَظهَرَ،
کُوڙُ وِيڻو لِکِي ڏُک تَه ٽِيندو.

# غزل

اڄ به تنهنجون ئي پچارون ٿي ڪري،
دل اڃا ساڳيون سنڀارون ٿي ڪري.

تون نہ ٿو واپس ورڻ جي ڳالهه ڪرين،
پو به دل توکي پڪارون ٿي ڪري.

ياد تنهنجي دل مٿان ڪڙڪي پئي،
پنهنجي لهجي کي ترارون ٿي ڪري.

هيءَ تنهنجي بي رخي او بيوفا،
هينئڙي منهنجي کي ڦارون ٿي ڪري.

مارئي پائي نہ ٿي پٽ جا لٽا،
مشڪ عنبر ڪان به خارون ٿي ڪري.

مَنَ! سَرءُ بيزار ايڏو آ ڪيو،
دل بهارون ئي بهارون ٿي ڪري.

# غزل

ڏورُ تي وئي پيارِي ڇا ڪجي،
آ جُدائِي بارُ ڀارِي ڇا ڪجي.

سڙندَي سڙندي راڪ تي وِيندُس سڄو،
سُورَ جي سَٽ آ سگهارِي ڇا ڪجي.

ساٿُ ويا ساٿِيئَڙا سارا ڇڏي،
ساهَ کي آساهَ وارِي ڇا ڪجي.

هُنَ الئہ جَي ڪِٿ وسايا وَٽَ وَڃِي!
زورُ آهي اِنتِظارِي ڇا ڪجي*.

نانءُ هُنَ جي زندگي کَريان ته ڪيئن؟
زندگِي آهي اُڌَارِي ڇا ڪجي.

راتِ آئِي يادِ "مظهر" يارَ جِي،
روئندي مُون راتِ گهارِي ڇا ڪجي.

# غزل

ٿِي جَلي تو بن جَوانِي،
هاڻ موٽِي آءُ جانِي.

سُونهَن تُنهنجِي سمندَ جِهڙِي،
عشقُ مُنهنجو آسِمانِي.

حسنُ تُنهنجو بَي مِثلُ آ،
ناهي تُنهنجو ڪوبه ثانِي.

يارَ تُنهنجو پيارُ ماڻڻَ،
هيءَ وَڏِي آ ڪامِرانِي.

جَڳُ ٽُٽَلُ ڪو تارُ آهي،
تو بِنا هيءَ زندگانِي.

تُون مِلڻُ ايندَين ته مُنهنجَي،
مَن ڪي مِلندي شادُماني.

حالُ پُڇندَين، لُڙڪَ اُگهندَين،
تُنهنجي ٿِيندي مهرِبانِي.

# غزل

ڪوڙ ڳــارا ٺــا ڪُٽائي تو ڇڏي،
وقت سارا ڦت ڇُٽائي تو ڇڏي.

پنهنجي لاثاني شعائن آڙ ۾،
سچ ستارن کي ڇُپائي تو ڇڏي.

واهُ هڪڙي پل اندر هڪ جاءِ تان!
جاءِ ٻي تي جُهڙ ڀُڄائي تو ڇڏي.

مينهن ميڪائيل آٽي ترمتان،
پٽ پياسا پڻ پُسائي تو ڇڏي.

يار گهوري تو ڏسي مون کي جڏهن،
مون کي مون کان ئي ڀُلائي تو ڇڏي.

عشق ۾ عاشق عجيبن جي اڳيان،
ڪنڌ پنهنجي کي جُهڪائي تو ڇڏي.

جس هجي الطاف سيلانيءَ کي،
مفت ۾ دنيا گُهمائي تو ڇڏي.

سچ چوان تو جي وڏيري کي ته هُو،
ٻُولَ پنهنجي کي سُڃائي تو ڇڏي.

ڏوڪڙن عيوض وڏيرو لالچي،
قوم جا ڪُونڌر ڪُهائي تو ڇڏي.

منهنجو پختو ءِ سچو ايمان ڏس،
وسوسن جا سر اُڏائي تو ڇڏي.

آهي نازڪ پر وڏا اوچا جبل،
ماٺهو همت سان جُهڪائي تو ڇڏي.

زندگانيءَ جي مڇيءَ کي باز جيئن،
موت ٻئي چنبا کُپائي تو ڇڏي.

ساهه کان وڌ مون کي ان سان پيار آ،
سنڌ مان جو دک ڊُڪائي تو ڇڏي.

سور "مظهر" ڪين رهندا هت سدا،
مون کي منهنجو من ٻُڌائي تو ڇڏي.



# آسن داس اميداڻي

## تعارف

مڪمل نالو:- آسن اميداڻي

ادبي نالو:- آسن داس اميداڻي

ڄم جي تاريخ:- 26/09/1994

تعليم:- ميٽرڪ

ملازمت:- محنت مزدوري

لکڻ جي شروعات:- ؟؟؟

لکيل صنفون:- غزل،گيت، نظم، بيت وغيره

ڇپيل مواد: ڪا ٻ نہ

ڏس پتو:ٽپال مٺي،تعلقو مٺي، ضلعو ٿرپارڪر،سنڌ

# غزل

آڌي ويلي يار هلي آ،
ڪولي پنهنجا وار هلي آ.

پهرا لڳايا پيار پنهنجي تي،
ڪائي تن تي خار هلي آ.

گوڙ ڳوٺ ۾ هاڻ ختم ٿيو،
رات پڇاڙي پار هلي آ.

هو پيئي موڙي ڪر هاڻ ڪتي،
ٽريو ڪيڏو ٽار هلي آ.

مونکي موقعو خدمت جو ڏي،
جانا تون هڪ وار هلي آ.

آسن بيحد پيار ڪري ٿو،
تن سان ڪر وهنوار هلي آ.

# غزل

مينهن وٺو آٽر ڏسي وچ،
ڪارونجهر جو ڪر ڏسي وچ.

سيمون سيڙها ساوا ٿئي پيا،
برڪا رُت ۾ بر ڏسي وچ.

ٻاجهر واهين يار ٻني ۾،
هاري اُٿ ۽ هر ڏسي وچ.

شهر مٿي جا منظر پيارا،
ڀٽ گڏي جي ڀر ڏسي وچ.

هڪڙو چوئرو ڀر ۾ چوڪي،
ساجن منهنجو گهر ڏسي وچ.

# گيت

منھنجو چين سڪون ڪٽي وئي
دل کي ڏاڍي ھو تہ وٽي وئي

چانڊوڪي ھو جھڙو چھرو
ذولفن جو ھو تنھن تي پھرو
ڏسندي مون ڏي پدمٽي وئي

سرتين سان گڏ سھٽي وئي پئي
مرڪن سان من مھٽي وئي پئي
نظرن جا ھو تير ھٽي وئي

ھڪ اڳي ھئي سھٽي ڏاڍي
ٻيو پايل ھئس سون ۽ چاندي
وارن کي ٽيون ڏيندي ڦٽي وئي

ڏيڍي اڪ سان ”آسن“ ڏي ڏسندي
ھوريان ھوريان ڪلندي ڪلندي
اڄ ڪاليج ڏي پئي ھڪ ڄٽي وئي

# ڏور بيت

سُٺي سڌ سانگين جا مُنهنجا صاحب رب ستار
موڪل ڏي مينهن کي تہ ککر ڪن قطار
وڃن ساڻ وَري مُنهنجي آڻ سانگين تي سُڪار
لاهِ ڏولائو ڏيهہ تان تون ڏمر ڇڏ ڏاتار
پکين جون سُڻِ پُڪارون روز تاڙا ڪَنِ تنوار
پلر پَٽَ پري ٿين ترايون تارِ
ڇَڇان پئي پرجي ڏاڍا پرجي پونِ ڏهار
پاٽي پرڻ پدمٽيون ڪري سرتيون اچنِ سينگار
سيمون ٿين سايون ٿئي هر پاسي هُبڪار
مارو ورن ماڳن ڏي کاهي ڏنڻ ڏنار
باسنريون برن ۾ ٿئي چڙين چونگار
ٿلين مِور مستي ۾ وڏو ٿئي وسڪار
للر مريڙو پپون ڪايو پنهوار
سانگي ”آسن“ سرَها ٿين ڏسي ميگهہ ملهار
ملڪ هن ملير ۾



# ثناءُالله بيوس بلوچ

تعارف:-

مڪمل نالو:- ثناءُالله جتوئي بلوچ

ادبي نالو:- ثناءُالله بيوس بلوچ

پيءُ جو نالو:- شمن علي جتوئي بلوچ

ڄم جي تاريخ:- 05/05/1988

ڄم جو هنڌ:- سکر

تعليم:- ميٽرڪ

ملازمت:- .......

لکڻ جي شروعات:-2004

لکيل صنفون:- غزل

ڇپيل مواد: ڪو به نه

رابطو نمبر: 0301.2347812

ڏس پتو: تعلقو پنوعاقل ضلعو سکر

# غزل

وينو سڄڻ مان ته تو لاءِ روئان ٿو،
ڏينهن رات تو لاءِ دانهون ڪيان ٿو.

اڃي نٿو سگهان تنهنجي ڪوٺ ۾ مان،
هر رستي ويندڙ ڪان تو لاءِ پڇان ٿو.

لڪي ڇپي اچان پيو ڳوٺ ۾ تو ڏي،
بيهي در تنهنجي تي تو کي سڏايان ٿو.

بي فڪر تي ڪئين ستل آهي سائين،
تي نماڻو منا مان تو کي ڏسان ٿو.

وساري ڇڏيندس هاڻي تو کي سنگدل،
سيني مان پنهنجي دل کي ڪڍان ٿو.

وڻندو نه نالو تنهنجو ثناءُالله هاڻي،
پنهنجي پرين مان چين کي سبايان ٿو.

# غزل

تنهنجي ياد ساڙي تہ ڇا ڪجي،
مٺا مونکي روئاري تہ ڇا ڪجي.

وسري نٿي تنهنجي محبت مونکان،
ڏس جي ڳڻتي ڳاري تہ ڇا ڪجي.

لهي نہ پيو تون هڪ پل ذهن تان،
مونکي تون وساري تہ ڇا ڪجي.

سمهڻ نٿي ڏئي سڪ تنهنجي،
دل تو کي سنياري تہ ڇا ڪجي.

نہ ويندو آهيان ڪنهن محفل ۾ مٺا،
ڪوئي تنهنجي ڳالهہ پڇاري تہ ڇا ڪجي.

لکي جيان پيو مڙئي جهان ۾ جاني،
اڪ تون لاءِ لڙڪ هاري تہ ڇا ڪجي.

اڄ وڃان پيو هن جي ڳوٺ مان،
هو مون ڏي نہ نهاري تہ ڇا ڪجي.

روئي پيرن منجھ ڪري پوندس،
پر جي هو ڌڪاري تہ ڇا ڪجي.

ثناءُالله هجي پرايو تہ ميار ڏيان،
پر جي پنهنجو ماري تہ ڇا ڪجي.

# غزل

اڄ پاڻ سهڻا ماري وچ تون،
زهر هڻن سان پياري وچ تون.

ڪئين نٿيو هاڻي جاڳي راتيون،
ننڊ مون کي سمهاري وچ تون.

وڃي پئي جان ڳرندي ڳڻتي ۾،
مون تي هڪ نظر نهاري وچ تون.

تي زخم پراڻا ويا آهن اسان جا،
وري لوڻ ڦٽن تي هاري وچ تون.

تيو گهمڻ ڦرڻ کان لاچار آهيان،
مونکي پيرن تي بيهاري وچ تون.

حال ميرا تي ويا اسان جا سنگدل،
اڄ پاڻ سجڻ سينگاري وچ تون.

پئجي ساهه سنڌن ۾ ويو ثناءُالله کي،
وري ٻيهر اچي مونکي ساڙي وچ تون.

# غزل

چپ ۾ چڪ پائي ڇو پيو،
ايڏو پاڻ کي ٿاهي ڇو پيو.

زوري دل ڪٽي وڃي تو سائين،
اکيون اکين سان ملائي ڇو پيو .

ڇريو ڪندو ڇا پنهنجي چاھ ۾،
ايڏو منٺو ھو ڳالهائي ڇو پيو.

ماريندي ڇا مسڪين مون جهڙا،
نقاب منهن تان لاھي ڇو پيو.

نيڻ نشيلا قهر قهر ڪرن پيا،
ڪجل اکين ۾ پائي ڇو پيو.

ونگ وجهن ٿا واسينگ وار ھي،
وارن کي ھر ھر ورائي ڇو پيو.

مري نہ وڃي ثناءُالله پاڪر ۾،
سينو سيني سان لائي ڇو پيو.

# غزل

جنگ سورن سان جاري آ،
رکي بيقدري سان ياري آ.

ڳڻتيون ڪري ڳري ويس ،
جواني پنهنجي ساڙي آ.

پنهنجا ڇڏيا جنهن ڪري،
هي دل انهيءَ آزاري آ.

روز نوان پيو زخم ڏئي هو ،
وڏي دل جي وئي يار بيماري آ.

بچڻ جو آسرو مشڪل آهي،
لڳو ڏک مونکي ڪاپاري آ.

سڏڪي ٽڏا ساهه پريون ٽا ،
هاڻي وطن ڇڏي اسان جي تياري آ.

قدر ناهي هن کي اسان جو ،
لڳي ٿو دلين جو هو واپاري آ.

ڪئين ڪندو پيار ثناءُالله سان،
بلوچ چريا هو ذات ڇڏي ڌاري آ.

# غزل

پئي سورن منجهه گذري حياتي،
وڻن نتا مونکي گهر جا ياتي.

پڇتايان پيو هاڻي ڏاڍو مان،
ڇو هن سان دل مون لاتي.

قدر نہ ڪيو سنگدل اسان جو،
محبت منهنجي ڪونہ سڃاتي.

ڇوڙ منهنجو ڪونہ ورتائين،
دل ٽيا ڳي وڃي ڏاڍن سان ڦاٽي.

ڪري ڳڻتيون اندر ڳري پيو،
سورن ۾ هاڻي ڇڏي پئي ڇاتي.

پنهنجن کان بہ ڏور تي ويس مان،
ڇڏيان هن جي ڪر سنگتي ساٿي.

نہ ڪئي ڪڏهن گستاخي پرين تونسان،
تنهنجي اڳيان اسان جي هئي ٻولي ٻاتي.

تنهنجو ناهي ڪوئي قصور سهڻا سائين،
پاڻ ثناءُالله هلائي پنهنجي ڪنڌ تي ڪاتي.

# غزل

ملي نہ تونسان تقدير منھنجي،
ڦاڙي ڇڏ منا تصوير منھنجي.

اجايو ڏٺا مون خواب تنھنجا،
ناھي ڪائي تعبير منھنجي.

ڪيترائي لکيا خط اوھان ڏي ،
پڙھي نه تو تحرير منھنجي.

لکيل آھن ڏک سدائين توکي ،
اڄ قسمت ٻڌاءِ فقير منھنجي.

ٻڌي ٻانھون تو کي ٽڪجي پيس،
مٽي وئي ھٿ مان لڪير منھنجي.

ھر درگاه تي تو لاءِ دعا گھري مون،
ٻڌئي نہ دعا ڪنھن به پير منھنجي.

ڏسي رنگ سانورو ڪلي پئي ثناءُالله تي،
چري خدا پاڻ ڪئي آھي تعمير منھنجي.

# غزل

ٻڌو آ تہ هو مونکي ساري ٿو،
وٺي نالو منهنجو پڪاري ٿو.

ڪلندو هيو منهنجي روئڻ تي،
هينئر لڙڪ اکين مان هاري ٿو.

من ايندو هجي هو مون سان ملڻ لئه،
نڪري گهر کان ٻاهر نهاري ٿو.

پري چرڪ اٿي پيو ننڊ مان،
هٿي ڏڪ پاڻ کي ماري ٿو.

وڏا ٺهڪ ڏيندو هو جيڪو پهريان،
هاڻي روئي پاڻ ٻين کي روئاري ٿو.

ڪيو سين جنهن جاءِ تي ڪچهريون،
ثناءُالله اوتي راتيون جاڳي گذاري ٿو.

# غزل

تنهنجا درد دل ۾ لڪائي هلياسين،
ڳوڙها اکڙين مان وهائي هلياسين.

نه اچبو هاڻي اوهان جي اڱڻ تي،
سور سيني ۾ سمائي هلياسين.

ڏکڙن سان ناتو ڪندس سدائين،
سک چين پنهنجو وڃائي هلياسين .

جاڳي ڪٽيندس سياري جو راتيون،
ننڊ پنهنجي اسان فٽائي هلياسين.

متان ياد رهي فريبي تنهنجو چهرو،
منهن تونڪان بيوفا لڪائي هلياسين.

سڀ ڪجهه وڃايو تنهنجي خاطر ،
خلق پاڻ تي اسان کلائي هلياسين.

سدا هوندو بس هاڻي منهنجي بدن تي ،
ڪارو ويس جيڪو سبائي هلياسين.

رهندو سدائين افسوس ثناءُالله ڪي هڪ،
محبت ۾ بلوچ بس هارائي هلياسين.

# غزل

پرين جا ماڻا اڄان ياد آهن،
گهر ڪڪاڻا اڄان ياد آهن.

وسرن نٿيو راتيون اُهي،
ٻانهون ويهاڻا اڄان ياد آهن.

مجبوريءَ رهايو آ پرديس ۾،
ديس آباڻا اڄان ياد آهن.

نٿي دل لڳي هتي اسان جي،
پنهنجا پيار پراڻا اڄان آهن.

ڪيڏي ساؤڪ سرهاڻ هئي،
سرنهن جا داڻا اڄان ياد آهن.

لڪي ڇپي ايندو هيس مان،
سي خيال ٻاراڻا اڄان ياد آهن.

گڏ سدا تونسان هوندو هيس،
تنهنجا نيڻ نماڻا اڄان ياد آهن.

مال وندا مارو ٽڙا ثناءُالله،
۾ مڪڻ جا چاڻا اڄان ياد آهن.



# ساز علي اصغر چانڊيو

تعارف:-

مڪمل نالو:- علي اصغر چانڊيو

ادبي نالو:- ساز علي اصغر چانڊيو

پيءُ جو نالو:- ڏتي بخش چانڊيو

ڄم جي تاريخ:- 1990_02_01

ڄم جو هنڌ:- حيات رند لڳ نئون ڪوٽ

تعليم:-BA

ملازمت:- پاڪ آرمي

لکڻ جي شروعات:-2009

لکيل صنفون:- گيت ،غزل، وائي، چئوسٽا، نظم ۽ تحريرون

ڇپيل مواد: گيت ريڪارڊ

رابطو نمبر:0346155396

03255031252

ڏس پتو: محمد حيات رند اڪبر فارم لڳ نئون ڪوٽ

# گيت

تي جوڙي توسان وئي مشهور آهي
دنيا  ڪيو  چو  فتور  آهي

توتي مان پنهنجي جان ڏيان ٿو
توکان  سوا هڪ پل نه جيئيان ٿو
ڪيو  توکي مٿا  منظور آهي

دنيا  وارا  پيا چو  پيا  جلن
خار  اجايو  چالا  ڪائيندا وتن
اهيوڪٿي جو  دستور  آهي

ڪهڙو  ڪيو پاڻ  آهي قصور
دنيا  سوچي  ٿورو يار ضرور
چو  ختم  تنهن  سرور  آهي

چانڊئي جي زندگي تو  آسڏائي
اصغر  توسان  دل آهي لڳائي
دل خوشين سان ٿي پرپور آهي

# گيت

دنيا ظالم آ جنهن ٽوڙي ڪيو آ جدا
رهان ٿي پل پل مٺا تنهنجي يادن ۾ سدا

تنهنجي پيار ۾ ٿي وئي آهيان مدهوش مان
نٿي سري منهنجي تنهنجي محبت ڪان سواءِ
دنيا ظالم آ ٽوڙي ڪيو آ جدا

ٿي زندگي وئي منهنجي هي زهر واءِ
تو ڪان سواءِ منهنجو هتي نه ڪير آ
دنيا ظالم آ ٽوڙي ڪيو آ جدا

خاص اصغر چانڊيو آ منهنجو مٺا
نئوڪوٽ واري جي آهيان دل ۾ سدا
دنيا ظالم آ جنهن ٽوڙي ڪيو آ جدا

# گيت

اسان جي يار ياري ٽوڙڻ مان ڇا پلا ٿيندئي
پنهنجا ڪن ڪولي منافق ٻڌ وڙهڻ مان ڇا پلا ٿيندئي

اسان ٻن پيار وارن کي
ڪنوڻن آ ڪيو گهرو
اسان جي ته پيار تي
سڙندي سڙڻ مان ڇا پلا ٿيندئي

اسان جي جوڙي تي دشمن
ڪڙيون رکيون اٿئي نظرو
دنيا جو هي فلسفو آمٿا
ڏکڻ مان ڇا پلا ٿيندئي

اسان ته پيار جا پياسي
ڇانديو ڇا نفرت مان ڇاڻي
آ اصغر جي ته زندگي تون
ڦٿائڻ مان ڇا پلا ٿيندئي

# گيت

سهڻي سنڌ جو تو منٺڙا، آهين سردار پيارا
چنڊ چانڊوڪي کان به، آهين حسين پيارا

انڌيري رات ۾ تون
تارن وانگي چمڪي تو
عطر ۽ خوشبو وانگي
پنهنجي تو خوشبو ونڊي ٿو
تنهنجي ڳل تي ترآ
توتي ڪُٺا راڄ پيارا

ڪولي جڏهن ٿو سلفو
ماري صفا ڇڏي ٿو
نندي عمر ۾ تنهنجي
لڳين نواب تون ٿو پيارا

لکي تو زندگي آ
پيارا چانڊئي کي ڏني
اصغر تنهنجو ئي آهي
جنهن دل تو کي آ ڏني
تو آهين محل منهنجي
جو آ سينگار پيارا

# گيت

کهڙيون ڪريان خوشيون جاني
توکان سوا او پرين
ويٺو هان پرديس مان
توکي روئي ساريان پرين

رات جاڳي گذاريان ٿو
تنهنجي يادن سان نڀايان ٿو
پنهنجي دل کي مٿا
ٿو مان سمجهايان پرين

سهڻا اهيو ويٺو سوچا ٿو مان
ڪارو وڳو ٽيو ساٿي مون سان
پنهنجي دلبر تي مٿا
ٿو مان ڳايان پرين

چوي اصغر چانڊيو ٿو مٿا
جهڙو حال آهيان تو سواءِ
تنهنجي خوابن ۾ مٿا
رهان ٿو او پرين

# گيت

اهڙي هن سان دل لڳي ڪري ڇريو ڇڏيم صفا
منهنجي ته مان هن تي زندگي ٿو ڪيان فدا

حسين هو ڪا هور پري هئي
جنهن ڪٽي نظر ڇڏيو فسائي
مون کي ڇڏيو پنهنجو بڻائي
هاڻ نه رهي سگهبو جدا

لڪائي ڇڏيان هن کي دنيا جي نظرن کان
ناظرو هن کي نظرئي نه وجهن
هو ماڻهو پمشوڙو آ صفا

چانديو هن تي جان پيي قربان ڪري ٿو
اضغر هن سان دل سان نڀائيندو
اهڙيون گهڙيون ملن اهو قسمت جو لکيو آ مٿا

# گيت

واعده ہے میرا تم سے نبھاؤں گا
پیار تم سے ایسا کرکے دنیا کو دیکھاوں گا

نوکوٹ سے لیکر راولپنڈي آوں گا
پیر مهر علي شاه کيِ زیارت کراوں گا
ایبت اباد کيِ گلیاں هريِ پور گھماؤں گا

لاهور کيِ شاهيِ قلع پر لے جاؤں گا
چناب دریا پر سیر بھيِ کراؤں گا
مچھليِ کباب ساتھ سینڈر وچ کھلاؤں گا

ساز اصغر چانڈیو دل ایسيِ لگاؤں گا
اس دنیا میں مثال ایسيِ بناؤں گا
رهوں گا تیرے دل میں تجھ سے نبھاؤں گا























سنڌي ادب جي آبياري لئه ڪوڙ سارا نقاد ليکڪ مترجم پنهنجو ڪم ڪري رهيا آهن جيڪي سنڌ جي شاعرن ڪها ٽيڪارن جي لکڻين جي ڇنڊ ڇاڻ ڪري انهن جي خوبين خامين تي نظرڪي سندن گڏيل شاعري جا ڪتاب مارڪيٽ ۾ آڻي رهيا آهن انهن ۾ مٺي سان تعلق رکندڙ سنڌي ٻولي جو باشعور شاعر وسند چوهاڻ نه فقط شاعر آهي پر هڪ سٺو انسانِ آهي سندس ڪوششون سا راهه جوڳيون آهن پاڻ نول سُندر پبليڪشن اداري طرفان ڏهن شاعرن تي مشتمل هڪ گڏيل ڪتاب لفظن جي خوشبوءِ آڻي هڪ وڏو تاريخي ڪم ڪيو آهي اها هڪ وڏي جرئتمندانه سهڻي ڪوشش آهي جنهن ڪي پيار جوڀا ڪر پيئا ڪجي ڇوته هن مهانگائي واري دور ۾ جتي ماڻهو اٽي لٽي اجهي لئه پريشان آهي اتي ان دور ۾ هڪ مڪمل ڪتاب ڇپرائي آڻڻ ڏاڍو ڏکيو ڪم ٿي پيو آهي اهڙي مشڪل دور ۾ وسند پاڻ نيائي هڪ وڏو بهترين ڪم ڪيو آهي سنڌ ۾ ڪٿي به اهڙو ادارونا هي جتي ليکڪن جا مفت ۾ ڪتاب ڇاپي پڌرا ڪياوڃن ۽ انهن گمنام ۽ وسري ويل اديبن جي سار لڌي ٿي وڃي ۽ انهن جو خوبصورت مواد منظر عام تي آڻي سگهجي ٿو يقينن وسند جو هي ڪم ڏاڍو لاياڻتو لڳي رهيو آهي جو انهن اديبن ڪي هڪ الڳ پليٽفارم تي آڻي سندن مواد ڪتابي صورت ۾ آندو پيو وڃي اها سندن محنت سا راهه جوڳي رهي آهي شال پاڻ ادب جي لئه سدائين اهڙيون خدمتون سرانجام ڏيندا رهن.

**وفا جانوري**

ٽنڊو مٺا خان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com